(ب) هيٺين تڪراري (ٻٽن) لفظن کي مڪمل ۽ جزوي تڪرار وارن قسمن موجب ڌار ڌار ڪريو:

گهمڻ ڦرڻ، ڪڪ پن، گاهه ٻوٽو، کهٽ وڌ، ڏيتي ليتي، گهر گهر، نوڪر چاڪر، پڙهڻ ڪڙهڻ، ڳوٺ ڳوٺ، ماٺهو ڇيٺو، ڪپ ٻپ، ٿلهو ٿلهو، ڊور ڊنگهر .

(ت) هيٺين جملن ۾ لغوي ۽ وياڪرڻي فرق سمجهايو:

(i)
گهر جي تلاشي ورتي ويئي.
گهر گهر جي تلاشي ورتي ويئي.

(ii)
ٻار پسٺو ولي، گهر ويجي.
ٻار ٻار، پسٺو ولي، گهر ويجي.
ٻار ٻار، پسٺو پسٺو ولي، گهر گهر ويجي.

(iii)
ڳوٺ جو ماٺهو گهٽيءَ ۾ نڪري آيو.
ڳوٺ جو ماٺهو ماٺهو گهٽيءَ ۾ نڪري آيو.
ڳوٺ ڳوٺ جو، ماٺهو ماٺهو، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نڪري آيو.

(IV)
هن جا ڪارا وار سهٺا لڳن ٿا.
هن جا ڪارا ڪارا وار سهٺا لڳن ٿا.

(V)
سيڪو پنهنجي گهر ويجي.
سيڪو سيڪو پنهنجي گهر ويجي.
سيڪو سيڪو، پنهنجي پنهنجي گهر ويجي.
سيڪو سيڪو، پنهنجي پنهنجي، گهر گهر ويجي.

## يونٽ چوڏهون

# سبق پهريون

### علم نحو

**(الف) ڏنگين مان لفظ کڻ آڻي، هيٺيان خال ڀريو:**

(i) ............................ ڏهين وڳي آفيس ۾ اچون؟ (مان / تون / اسين).

(ii) ميز تان ............................ ڪاپي کڻان؟ (توهين / ٻاڻ / پنهنجي).

(iii) توهان ............................ ڪنهن هٽ گهرايو آهي (۾ / سان / کي).

(IV) اسڪول ۾ دير ....... وڃڻ سٺي عادت ڪانهي (تان / سان/مان / کان).

(V) اسان کي مٽي کان جون ........ موڪل آهي (ڏانهن / کان / تائين / سان).

(VI) مون پنهنجي پيءُ ..................... خط لکايو (کان/سان/ مان/ ڏانهن).

**(ب) هيٺين جملن کي ناڪاري / انڪاري جملن ۾ بدلايو:**

(i) هن وٽ سٺا ڪپڙا آهن.

(ii) مون وٽ گهٽائي مهمان اچڻا آهن.

(iii) دوڪاندار وٽ تازيون ڀاڄيون آهن.

(IV) گهر جي در وٽ بيهه.

(V) هن کي اڄ ٿي ويٺو آهي.

(ت) ڪانهي، ڪونهي، ڪانهن ۽ ڪونهن لفظ ڪم آڻي، هيٺيان جملا انڪاري جملن ۾ بدلايو:

(i) هُن وٽ پسٺا آهن.

(ii) مون وٽ ڪپڙا آهن.

(iii) اسپال ۾ ڊاڪٽر آهي.

(IV) دوڪاندار وٽ سڀ شيون آهن.

(V) عزيز وٽ ڪتاب آهن.

(VI) اسڪول ۾ شاگرد آهن.

(VII) بازار ۾ هرڪا شئي موجود آهي.

(VIII) امينہ وٽ دوا آهي.

(ث) درست لفظ تي ✔ نشان ڏيو:

(i) گهر ۾ منهنجو پيءُ موجود ڪونہ / ڪانہ / نہ آهي.

(ii) ڪلاس ۾ ماستر / ڪونہ / ڪانہ آهي.

(iii) هي توهان جون ڪاپيون ڪونہَ / ڪانہَ آهن.

(IV) اسان جو گهر / هتي /هتان پري آهي.

(V) باغ ۾ هَوءِ / ڪيرُ / ڪيرَ / ڪنهن آهي؟

(VI) منهنجو چشمو ڪِٿي / ڪٿان آهي؟

(VII) لاهور، ڪراچيءَ / ڪي / ڪان پري آهي.

(VIII) اسان جي ڳوٺ / ۾ / جي /مان / جي هڪ بہ ڊاڪٽر ڪونهي.

(IX) اِهو /اِها / اِهي منهنجو ڪتاب اٿيئي.

(X) هن کي هڪ صوف / ڪپي /ڪپن /ڪپنس.

(XI) اِهو /اِها /اِهي نارنگي ڪٿي آهي.

(XII) مون کي اِهو /اِها / اِهي ڪيلا ڪونہ کپن.

(XIII) هُتي سندس پيءُ بہ آيلُ / آيَلَ / آيلن هو.

(XIV) ڇوڪرُ / ڇوڪري/ ڇوڪرا تيز ڊوڙيو.

# سبق ٻيون

(الف) ڏنگين ۾ ڏنل اشارن موجب جملا بدلايو:

(i) هن اسڪول ۾ لائبرري آهي (سوالي جملو ٺاهيو).

(ii) هن گهر ۾ هڪ ماڻهو آهي (انڪاري جملي ۾ بدلايو).

(iii) باغ ۾ ڪيترا ماڻهو موجود آهن (عجب واري جملي ۾ ڦيرايو).

(IV) هي اسڪول وڏو آهي (انڪاري جملو ٺاهيو).

(V) رستي تي پنج ماڻهو هئا (ڪيترا لفظ ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(VI) هن ڳوٺ جي آبادي ڪيتري آهي (بياني جملي ۾ ڦيرايو).

(VII) هي اسڪول ننڍو آهي ڇا ؟ (انڪاري جملي ۾ بدلايو).

(ب) ڇا، ڪيرُ، ڪيرَ، ڪهڙو، ڪهڙا ۽ ڪنهن لفظ ڪم آڻي، سوالي جملا ٺاهيو:

(i) هي ڪتاب منهنجا آهن.

(ii) هيءُ ماڻهو وڪيل آهي.

(iii) تون سنڌي ڪاليج جو پروفيسر آهين.

(IV) منهنجي هٿ ۾ ٻه قلم آهن.

(V) هيءُ منهنجو ڀيءُ آهي.

(VI) هيءَ خاتون منهنجي ماسي آهي.

(VII) توکي ڀڳهار مليو.

(VIII) هيءُ چوڪر منهنجو پاءُ نہ آهي.

(IX) هن کي مون هٿ اچڻ کان روڪيو.

(X) هُوءَ بيمار آهي.

(ت) ڇا ۽ ڇو استعمال ڪري ڪي ٻه پنج سوالي جملا لکو:

(ث) ڪيترا، ڪيترين، ڪنهن، ڪهڙو، ڪهڙي لفظ، استعمال ڪري سوالي جملا ٺاهيو:

(i) هن شهر ۾ پنج لک ماڻهو رهن ٿا (ڪيترا لفظ ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(ii) ڪراچيءَ ۾ بيشمار اسپتالون آهن (ڪيتريون ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(iii) هو گل حسن جو فرزند آهي؟ (ڪنهن استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(IV) هيءُ ڇوڪرو منهنجو سوٽ آهي (ڪيرُ استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(V) سنڌ مان سنڌو درياء وهندو آهي (ڪهڙي استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(VI) شاهه لطيف جي مزار ڀٽ شاهه تي آهي (ڪٿي لفظ استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(VII) منهنجي کيسي ۾ سؤ روپيا آهن (ڪيترا استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(ج) ڏنگين ۾ ڏنل اشارن موجب جملا بدلايو:

(i) ڳوٺ وارن، هن جي ڏاڍي مدد ڪئي (ڇا لفظ ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(ii) اسڪول جا شاگرد راڻي باغ گهمڻ ويا هئا (ڇو لفظ ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(iii) منهنجي هٿ ۾ ٻه ڪتاب آهن (ڇا لفظ ڪم آڻي سوالي جملو ٺاهيو).

(IV) هوُ بيمار آهي (سوالي انڪاري جملي ۾ بدلايو).

(V) اوهين آيا آهيو (ڪٿان لفظ استعمال ڪري سوالي جملو ٺاهيو).

(VI) تون اڪبر جو پٽ آهين (ڪنهن لفظ جي ڪم آڻڻ سان سوالي جملي ۾ ڦيرايو).

(VII) مون خط لکيو هو (سوالي انڪاري جملي ۾ ڦيرايو).

(VIII) هي ڇوڪر نـ آهي (ظرف نفيءَ جي جڳهه بدلائي جملو ٺاهيو).

(IX) هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟ (تعجب وارو جملو ٺاهيو)

(X) هي ڪهڙو سهڻو ٻڪي آهي؟ (تعجب واري جملي ۾ بدلايو)

(XI) هيءَ بلا ڏسو (تعجب وارو جملو ٺاهيو).

(ح) جهيلار ڇا آهي؟ جهيلار جي حوالي سان جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم جا مثال ڏيو:

(خ) هيٺ ڏنل خاڪي ۾، هر خاني ۾ ڏنل قسم موجب جملو ٺاهي لکو:

| بياني جملا | سوالي جملا | انڪاري جملو | سوالي انڪاري جملا |
|---|---|---|---|
| اسين صوف کائون ٿا. | ................ | ................ | ................ |
| ................ | ................ | ................ | ڇا توهين مون وٽ ڪونہ ايندا؟ |
| ................ | ................ | ................ | ................ |
| توهان کي هڪدم ايئر پورٽ تي وڃڻ گهرجي. | ................ | هن وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي. | ................ |
| ................ | ڇوڪري ڇا ڇيو؟ | ................ | ................ |
| پارٽيءَ ۾ اسان جو دوست بہ آيل هو. | ................ | ................ | ................ |
| ................ | ................ | مان اڪيلو ڪونہ ويندس. | ................ |
| ................ | ................ | ................ | توهان کي ڪمال ڪري ڏيکاريائون نہ؟ |

(د) هيٺين خانن مان لفظ چونڊي جملا ٺاهيو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| تو مان | هت | | | پيو | ڪري |
| مان | | | | | ڪريان |
| مون | | ۾ | چا | پيئي | ڪريون |
| اسان | گهر | | | | ڪيو |
| تو | | | | | ڪريو |
| تون | | | | | ڪن |
| توهان | | | | پيا | ڪرين |
| اسين | | | | پيئون | |
| هُوءَ | | | | | |
| هُو | | | | | |
| هُن | | | | | |
| هنن | | | | | |

(ر) ڪهڙو، ڪيترو، ڪيرُ، ڪيئن، چا ۽ ڇو ڪم آڻي، سوالي، سوالي انڪاري ۽ عجب وارا جملا ٺاهيو:

(i) مان اجايا خرچ ٿو ڪرايانوَ.

(ii) خرچ ڪرايُوَمِ

(iii) مون وٽ رکو ويهه روپيا آهن.

(IV) پنج سؤ روپيا ڏيئي ويو.

(V) ڇوڪرين سرڪس ۾ تار تي سائيڪلون پئي هلايون.

(VI) ڇوڪري موٽر سائيڪل پيئي هلائي.

## يونٽ پندرهون

# سبق پهريون

(الف) هيٺين اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏيو ۽ اُهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

موج لڳڻ، دل جهومڻ، پنهنجو مٽ پاڻ هئڻ، آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ، ٽورا مچڻ، پاڻ پتوڙڻ، منهن ڏيڻ، گل چاڙهڻ، گـل ڪرڻ، اک ڏيکارڻ، اک پورڻ، اک اٽڻ، ڳاٽ اوچو ڪرڻ، ڪير ڪنڌ ٽيڙ ۽ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.

(ب) هيٺ ڏنل هدايتن موجب اصطلاح لکو:

’دل‘ لفظ استعمال ڪري اصطلاح لکو.

’هٿ‘ لفظ استعمال ڪري اصطلاح لکو.

’ڪنڌ‘ لفظ استعمال ڪري اصطلاح لکو.

’وات‘ لفظ استعمال ڪري اصطلاح لکو.

’اک‘ لفظ استعمال ڪري اصطلاح لکو.

(ت) هيٺ ڏنل سنڌي پهاڪا پڙهو ۽ اُنهن جو مفهوم ٻه سمجهايو:

(i) ٻُلي ٻلي پاڻ آئي سا ٻه نه ٻُلي.

(ii) اهڙو سون ئي گهوريو جو ڪَنَ چني.

(iii) اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه رکجي.

(IV) تون ٻه رئيس مان ٻه رئيس ته گڏهه ڪير هڪليندو؟

(V) پنج ئي آڱريون برابر نه آهن.

(VI) جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا.

(VII) ڪير جو ڪاٺو، ڇاهي ٻه ڦوڪي پيئي.

(VIII) چورَ جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک.

(IX) جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

(X) هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور.

## يونٽ سورهون

# سبق پهريون

## جملن جا قسم

(الف) ڏنگين مان لفظ چوندي مرتب جملا ٺاهيو:

| | جملا | ڪم آڻيو | | جملا | ڪم آڻيو |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | منهنجي ڀاءُ کي تو ڪتاب ڏنو.<br>مون ڪان وڏو آهي. | جنهن- سو | (VII) | موڪلن جا ڏينهن اچي ويجها پيا .<br>اڪبر جي ڀي چيني وڏي ويٺي. | جيئن-تيئن |
| (ii) | ڌرتيءَ تي اسين رهون ٿا.<br>ڌرتي گول آهي. | جنهن-سا | (VIII) | مان موٽندس.<br>هو مون سان ملڻ ايندو. | جڏهن-تڏهن |
| (iii) | اهو ڪم ڪندين.<br>نقصان پائيندين. | جيڪڏهن-تہ | (IX) | هن پڙايو.<br>مون ڪيو. | جيئن- تيئن |
| (IV) | جتي ميز آهي.<br>ڪرسي بہ رک. | جتي- تتي | (X) | اها ڳالهہ پڙندو.<br>هُو ڪلندو. | جو-سو |
| (V) | توهين وڃو ٿا.<br>هنن کي بہ وٺي وڃو. | جيڏانهن-تيڏانهن | (XI) | هن محنت ڪانہ ڪئي.<br>هن کي انعام ڪونہ مليو. | جنهن-تنهن |
| (VI) | توهان چيو.<br>مون ڪتاب رکيو. | جتي-تتي | (XII) | تنهنجو حال آهي.<br>منهنجو حال آهي. | جهڙو-تهڙو |

## يونٽ سترهون

# سبق پهريون

(الف) هيٺين جملن ۾ درستيون ڪري، جملا نئين سر لکو:

(i) تنهنجو عمر ڪيتري آهي؟

(ii) اڄ موسم ڏاڍو سٺو اهي.

(iii) سائين، گاڏي آيو آهي.

(IV) زميندار جي باغ ۾ موسم ٿڌو آهي.

(V) تنهنجي ٿيلهي ۾ ڪيتريون ڪتابون آهن ؟

(VI) هُتي ڇوڪرا ڪانہ هئا.

(VII) تنهنجو پيءُ ڪيرَ آهي ؟

(VIII) هُن پکيءَ جي رنگ ڪهڙي آهي؟

(IX) ڪراچي سيني شهرن سان سٺو آهي.

(X) هاڻ تو سان هڪ سوال پڇندس.

(XI) اوهان سان التجا ڪئي اٿم.

(XII) اوهان جو پياءُ دوستن سان ڳالهيون پيئي ڪري.

(XIII) چا، هتان کان اوهان جي گهرَ تائين ڪا بس ويندي آهي؟

(XIV) ڇوڪري کي ڪري وٽ وٺي وڃ.

(XV) هي بانو جو گهر آهي.

(XVI) پلنگ وٽان ڪا بتي ٻري ٿي

(XVII) ڪتاب کي ميز تان وٺي اچ.

(ب) هيٺ ڏنل سٽن ۾ لفظ ڦيرائي، گهيرائي رکيا ويا آهن. انهن لفظن کي ترتيب موجب ٺاهي، جملا درست ڪري لکو:

(i) اچ سيٽ ڪرائي ۽ وڃي منهنجي رزرو وڃ.

(ii) آهيون سچو ڏينهن ڪندا اسين رهيا محنت.

(iii) بس تائين ڇا هتان گهرَ اوهان آهي ويندي ڪا جي؟

(IV) سان پيو ڳالهيون ٻاءَ ڪري جو اوهان دوستن.

(V) آهي خبر ٻڌاءِ ڪهڙي؟

(VI) آهيون ٽڪل سپيٽي اسين ڏاڍا.

(VII) خالي ڪم هتين ڪونہ ٿي تو ڪوبہ.

(VIII) مسڪين جي اڇي اها ناحق مصيبت مٿي مون ٻيٺي تي.

(IX) اڳ آزاديءَ کان عرصي اسين واري حيدرآباد ۾ آهيون رهندا.

(X) ۾ ڪپي بهشت هن کي تي ترٖيءَ اهو لاءِ ناممڪن آهي اسان.

**(ت) هيٺ ڏنل سٽن ۾ لفظ ڦيري گهيري رکيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب انهن لفظن کي ترتيب ڏيئي، جملا ٺاهي لکو:**

(i) جي تار هن آفيس ۾ جي موڪلڻ ٽپال ڪانهي جي سهوليت.

(ii) ڏيکار اسان کي گهر تنهنجي رستو جو بہ.

(iii) ڏيکاريو تنهن جو هن خط کي مون.

(IV) ڪمرو ڦوڪڻن هو جهنڊين بتين سان سجو ۽ رنگ برنگي سينگاريل.

(V) آهن ۾ خط ڪي ٽيلهي ڇا اوهان جي؟

(VI) سان ٻانهن ڪرسيون ڏهہ گهرجن ٺهرائڻ.

(VII) تائين ٿي وڃي گهر بس جي اوهان ڇا هتان؟

(VIII) تو پايان نہ آءُ ڪوٽ ۾ بہ سرديءَ.

(IX) پيا وڃون هن مان گهر اسين سياٽي سپ.

(X) ڪونهي بہ ڪو ٻار ۾ هن گهرَ

(ث) هيٺين سٽن ۾ ڏنل لفظ ترتيب وار ناهي، جملا لکو:

(i) آهي ڪلو جو انب ۾ ڪيتري؟

(ii) ڳولي هو پيو پنهنجي پيءُ ٻاهر کي گهر کان.

(iii) ايندو ڪونه ڪوبه ڪرڻ راند هتي حڪم تي سيائي تنهنجي.

(IV) مانيءَ تي اوهان ڪٿي ٻن پهرن دير جي ڏاڍي.

(V) تو گهران آءُ جي مدد مون کي ۾ ڪانهي فرصت ايتري اوهان ڪرڻ.

(VI) ڪوڪا ڪولا هڪ ۾ هجي روپئي هڪ، ڪيترين ته ڪيتريون ملنديون روپين ۾ ڏهن، جيڪڏهن؟

(VII) ڪار جي ارڙهن پيٽرول گهرجي کي لٽر منهنجي لاءِ مون.

(VIII) ٻڌائيندو سانوَ هڪڙي سيائي ڳالهه.

(IX) صبح جو آهيون گهٽوڪري اسين هڪ ڪوپ پيئندا چانهه.

(X) هن ڪمن جي ٻڌايانوَ ڳالهه جي ڪهڙي؟

(ج) هيٺيان لفظ اهڙي سٽاءَ موجب ناهي رکو جو معنيٰ دار جملا ٺهي سگهن:

(i) شهرجو وڏو هڪ تمام حيدرآباد، آهي.

(ii) رانڪَ جي ٺهيل عيسيٰ ترخان پٽر آهي ميرزا جي.

(iii) سڪندر هڪ جو ۾ سيوهڻ پراڻو اعظم آهي قلعو.

(IV) اسڪول تي ميدان جي ٻار ٻاهر جا آهن ڪيڏي راند رهيا.

(V) وڏا ۾ آهن ٻار ڪلاس هن ڏهه.

(VI) لاءِ گهر سنا پائڻ ۾ آهن ڪپڙا.

(VII) رستي جا نظر ڏانهن تي بندر وجڻ لوڻ تان آيا ڍير پئي وقت.

# يونٽ ارڙهون

## سبق پهريون

(الف) فعلي مصدرن (ذاتُن) جهڙوڪ : تـر، لک وغيره تي مشتمل هيٺ ڏنل شڪلين ڪي سامهون رکي جملا ٺاهي لکو جيئن:
















# سبق پيون

**(الف) هيٺين تصويرن ڏسو ۽ جواب لکو.**



سوال : هيءَ ڪهڙي جيت جي تصوير آهي؟

جواب:

سوال : ڇا اِها ماکيءَ جي مک نہ آهي؟

جواب:

سوال : ڏينيو ڪٿي رهندا آهن؟

جواب:

سوال : ککر ڇا کي چئبو آهي؟

جواب:

سوال: ککر سان واسطو رکندڙ ڪهڙو اصطلاح مشهور آهي؟

جواب:

سوال : هيءَ ڇا جي تصوير آهي؟

جواب:

سوال : ڇا هيءَ تصوير ککر جي نہ آهي؟

جواب:

سوال: ککر ۽ ماناري ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب:

سوال: اسان ماکي ڪٿان حاصل ڪندا آهيون؟

جواب:

**(ب) هيٺين لفظن کي سمجهو ۽ انهن جي وضاحت ڪريو:**

مصري، پتاشا، گلقند، ريوڙيون، ڳڙدائي، تاهري.

# سبق ٽيون



اڪبر ننڍو ٻار آهي.
اڪبر، اسلم کان ننڍو آهي.
اڪبر، اسلم ۽ امين کان ننڍو آهي.
اڪبر، سڀني ٻارن کان ننڍو آهي.

اسلم وڏو آهي.
اسلم، اڪبر کان وڏو آهي.
اسلم، امين کان ننڍو آهي پر اڪبر کان وڏو آهي.

امين، اڪبر کان وڏو آهي.
امين، اسلم کان وڏو آهي.
امين سڀني ٻارن کان وڏو آهي.



انب مٺو ميوو آهي.
انب، صوف کان وڌيڪ مٺو آهي.
انب ڏاڙهونءَ کان مٺو آهي.
انب سڀني ميون کان وڌيڪ مٺو آهي.

# سبق چوٿون



(١) هيءَ وَڻَ آهي

(٢) هن وَڻَ جا پَنَ........ آهن (خال ڀريو)،

(٣) وڻن جي پنن جي ............ اکين کي

وڻندي آهي. (خال ڀريو)

(۴) ............ جي پـنن جي رنـگ سـائـو

ٿيندو آهي.

(۵) وڻ جي ڏنل تـصـوير جي مـدد سـان وڻ

جي هر حصي جو نالو لکو.

(٦) سوال: هيءَ ڪهڙيءَ شيءِ جي تصوير آهي؟

جواب:

(٧) سـوال : هن شـيءِ جو رنگ ڪـهڙو آهي؟

جواب:

(٨) سـوال : اسين پـيا ڪـهڙا ڪـهڙا لـباس

پائيندا آهيون؟

جواب:

(٩) سوال : لفظ ڪارو، گرامر ۾........... آهي.

(١٠) ڪارو لفظ جو اسم ٿيندو.......... .

(ب) هيٺين صفتن جا اسم لکو. هر صفت جي سامهون ڇڏيل خالي جايون ڀريو:

| اسم | صفت |
| --- | --- |
| ........................... | سائو |
| ........................... | آچو |
| ........................... | پيلو |
| ........................... | هڊبو |
| ........................... | نيرو |
| ........................... | ڳاڙهو |
| ........................... | گلابي |

(ت) هيٺيان لفظ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڳاڙهو، چگو، ڇانو، ساوڪ، قميص، شلوار،

# سبق پنجون

هن تصوير کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:



(١) هن تصوير ۾ ڏنل جانورن ۽ پکين مان اوهين ڪهڙا ڪهڙا جانور، پکي ۽ جيت سڃاڻو ٿا، انهن جا نالا لکو.

(٢) انهن ۾ جيڪي جانور، جيت ۽ سَرِڻا زهريلا آهن، انهن جا نالا لکو.

(٣) انهن مان ڪهڙا ڪهڙا جانور چڪ هڻندا آهن؟

(۴) انهن مان ڪهڙا ڪهڙا جيت ۽ سَرِڻا ڏنگ هڻندا آهن؟

(۵) اهي جانور، پکي ۽ سرڻا ڪٿي ڪٿي رهندا آهن ۽ اُجهو وٺندا آهن؟ هر گروهه جي سامهون سندس رهڻ جي جاءِ جو نالو لکو، يعني انهن جي رهڻ جي جاين کي ڇا چئبو آهي؟

(٦) هر هڪ جانور، جيت ۽ سرڻي جو رنگ لکو.

(٧) تصوير ۾ ڏنل جانورن، پکين ۽ جيتن جيتن جو ڪاڌو خوراڪ ڇا آهي؟

(٨) تصويرن ۾ ڏنل جانورن، پکين يا جيتن جي آوازن جا نالا لکو.

(۹) هر هڪ جانور يا جيوجنتر جي هلڻ يعني چُرپر لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪهڙو لفظ ڪم ايندو آهي؟ اُهي لفظ ڪم آڻي، هيٺين جملن ۾ خالي جايون ڀريو:

نانگ ............................ ٿو.

ڪرڙي ............................ ٿي.

ميجي ............................ ٿي.

ڏيڏر ............................ ٿو.

سهو ............................ ٿو.

مور ............................ ٿو.

نور ............................ ٿو.

طوطو ............................ ٿو.

ڳٿون ............................ ٿي.

ڪتو ............................ ٿو.

# سبق ڇهون

هن تصوير کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(١) ڳائڻ اسم مصدر جو، فعلي ڌاتو ڪهڙو آهي؟

(٢) ڳائڻ جو اسم فاعل .................. آهي.

(٣) ٻڌايو تہ هيٺين سازن جي وڄائيندڙن کي ڇا چئبو آهي؟

ڍولڪ، پکواز، طبلو، مرلي، دلو، نغارا، چمٽو، سَنک، بنسري، دُهل.

(٤) سنڌ ۾ ڪي پيشور يا پورهيت هي آهن: منگتو، مگڻهار، ميراسي، لنگهو، ڀٽ، ڀان ۽ چارڻ، ٻيا ڪهڙا پورهيت اوهان کي معلوم آهن؟

(٥) هن تصوير ۾ جيڪي ساز ڏيکاريل آهن انهن کي سندن، وڄائڻ واري خصوصيت مطابق ڌارڌار ڪري لکو: مثلاً: ڦوڪ وارا ساز، تند وارا ساز، کلن وارا ساز، هٿ جي مدد سان وڄندڙ ساز، چم چم ڪندڙ ساز ۽ ڏؤلڪن جي مدد سان وڄندڙ ساز.



# سبق سنون

هن تصوير جي مدد سان هينين سوالن جا جواب لکو:



(۱) هر لفظ (سامان) سان واسطيدار پورهئي يا ڌنڌي جو نالو لکو.

(۲) هر لفظ سان واسطو رکندڙ پورهيت جو نالو لکو.

(۳) هر لفظ جون جمع صورتون لکو.

(۴) هيٺين اسمن (شين) جي آوازن کي سنڌي زبان ۾ ڇا چئبو آهي؟

| لفظ | آواز |
| --- | --- |
| تلوار | ...................... |
| کهاڙي | ...................... |
| ڪوڏر | ...................... |
| تغاري | ...................... |
| واهَولو | ...................... |
| رنڌو | ...................... |
| تير | ...................... |
| ڪارائي | ...................... |
| قئنچي | ...................... |
| چمٽو | ...................... |
| ڏاٽو | ...................... |
| ڏَنـوڻ | ...................... |
| مترڪو | ...................... |
| واهولو | ...................... |
| ٻوهارو | ...................... |
| ڪرل | ...................... |

# سبق انون

**هنن تصويرن کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:**



(١) هنن تصويرن ۾ اوهين ڇا ڇا ٿا ڏسو؟

(٢) پڃرن ۾ ڪهڙا ڪهڙا جانور ۽ پکي اوهان کي نظر اچن ٿا؟

(٣) انهن ۾ پالتو جانور ۽ جهنگلي جانورن جا نالا الڳ الڳ ڪري لکو.

(۴) هيٺين جانورن جي مادين کي ڇا چئبو آهي؟

شينهن، بگهڙ، رڇ، ٻولڙو، لومڙ، چيتو، باز، جِهرڪ، ڇَتون، گدڙ، هاٿي، ٻَڪَرُ، مور، ڪانءُ، هَرڻُ، گڏهَ، اٺُ، گهوڙو

(۵) هيٺين لفظن جون عدد جمع واريون صورتون لکو:

ڪتو، ڪُڪڙ، اٺ، ٻڪي، طوطو، مورَ، هرڻي، ڏوبي، ماڻهو، ٻڪون، وِڇون، داتا.

(٦) هيٺين جانورن ۽ پکين جي آوازن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا لفظ اوهان کي معلوم آهن؟

شينهن، ٻولڙو، سرڻ، طوطو، ڪبوتر، ٻيرو، گهوڙو، گڏهه، گدڙ، هاٿي، ڪانءُ، ٻلي، ٻڪون، ٻڪري، جهرڪي،نانگ، ڏيڏر، باز ۽ مور.

# سبق نائون

**هن تصوير جي مدد سان هيٺين سوالن جا جواب لکو:**



**(١) هن تصوير جي مدد سان انسان جي عضون ۽ انهن جي حصن جا نالا لکو.**

**(٢) هرهڪ عضوو ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟**

**(٣) ماڻهوءَ جي آواز ۽ هلڻ چلڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا لفظ ڪم ايندا آهن؟**

**(۴) جيڪڏهن اها تصوير ڪنهن عورت جي هجي ها ته :**

**(i) اُن جي زيورن جا نالا ڪهڙا ڪهڙا هجن ها؟**

**(ii) زائفائون ڪهڙا ڪهڙا لباس پائينديون آهن؟**

**(۵) سنڌي سماج ۾ سنڌي عورتن ۽ مردن جا خاص سنڌي نالا ڪهڙا ڪهڙا هوندا آهن، مثال طور:**

**(i) مرد جو نالو: سارنگ**

**(ii) عورت جو نالو: سڪان يا سڪي**

**(iii) ٻيا نالا اوهين لکو:**

# سبق ڏهون

**الف : - هن تصوير جي مدد سان هيٺين سوالن جا جواب لکو:**



(١) هن تصوير ۾ اوهين ڇاڇا ٿا ڏسو؟

(٢) نار واري منظر تي ڏهہ جملا لکو.

(٣) نار جي حصن جا نالا لکو.

(۴) هَرَ جا ڪهڙا ڪهڙا حصا ٿيندا آهن؟

(۵) ڪن خاص خاص پوکن ۽ فصلن جا نالا لکو.

(٦) ڪهڙيون ڪهڙيون ڀاڄيون ۽ ميوا اوهان کي معلوم آهن؟

(٧) پاڙن واريون ڀاڄيون ۽ پنن واريون ڀاڄيون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟

(٨) ڪهڙا ڪهڙا ميوا رسدار ٿيندا آهن؟

**(ب) هن تصوير جي باري ۾ پندرهن جملا لکو:**

# سبق يارهون



(١) سوال : هن تصوير ۾ ڇا ڇا نظر اچي رهيو آهي؟

جواب:

(٢) سوال: گهوڙي تي ڪير چڙهيل آهي؟

جواب:

(٣) سوال: گهوٽ جي پٺيان گهوڙي تي ويٺل ٻار کي ڇا چئبو آهي؟

جواب:

(۴) سوال: گهوٽ جي منهن تي ڇا ٻڌل آهي؟

جواب:

(۵) سوال : گهوڙي جي پٺيان ماڻهن جي ايڏي ساري ميڙاڪي کي ڇا چوندا آهن؟

جواب:

(٦) سوال : گهوڙي جي اڳيان ساز وڄائيندڙ ڪير آهن؟

جواب:

(٧) سوال: سازوڄائيندڙن وٽ

کهڙا کهڙا ساز آهن؟

جواب:

(٨) سوال: گهوڙي جي اڳيان ۽

سازوڄائيندڙن جي سامهون

ماڻهو ڇا پيا ڪن؟

جواب:

(٩) سوال: نچندڙ ماڻهوءَ کي سنڌي

زبان ۾ ڇا چئبو آهي؟

جواب:

(١٠) سوال: سنڌي تهذيب جا

کهڙا کهڙا ناچ اوهان کي

معلوم آهن؟.

جواب:

(ب) هيٺين جا اُبتڙ لفظ لکو:

ڄاڃي، گهوٽ، ڳوٺ، ماءُ، دوست، پنيان، سوار.

# سبق ٻارهون



سوال: هيءَ ڇا جي تصوير آهي؟

جواب:

سوال: هن تصوير ۾ اوهين ڇا ڇا ٿا ڏسو؟

جواب:

سوال: ڪرسيءَ جي ڀرسان بيٺل ماڻهو ڪير آهي؟

جواب:

سوال: اُستاد جي سامهون ويٺل ٻار ڪير آهن؟

جواب:

سوال: ٻار ڪٿي ويٺا آهن؟

جواب:

سوال: استاد ڇو بيٺو آهي؟

جواب:

سوال: اهي ٻار ڪلاس ۾ ڇو ويٺا آهن؟

جواب:

سوال : ميز تي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون رکيل آهن؟

جواب:

سوال: ڪلاس واري ڪمري ۽ گهر واري

ڪمري ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب:

سوال: بينچن تي ويٺل ٻار ڇا پيا ڪن؟

جواب:

سوال: ٻارن جي هٿن ۾ ڇا آهن؟

جواب:

سوال: اسڪول جي عنوان تي ويهن جملن

جو هڪ مضمون لکو:

# سبق تيرهون

(الف) هن تصوير جي مدد سان هيٺين سوالن جا جواب لکو:



(١) هن تصوير ۾ ڏيکاريل ڪهڙا ڪهڙا ميوا، ڀاڄيون، گل ۽ ٻوٽا اوهين سڃاڻي سگهو ٿا. انهن جا نالا لکو:

(٢) مُوريءَ جي پن جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟

(٣) موري، بصر، پالڪ ۽ پن گوبيءَ جي پنن ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو آهي؟

(۴) تصوير ۾ ڏنل هرهڪ ميوي ۽ ڀاڄيءَ جو نالو لکو، ۽ اُن جي سامهون اُن جو رنگ لکو.

(ب) هن تصوير جي مدد سان هيٺين سوالن جا جواب لکو:



(١) هن تصوير ۾ جيڪي رنگ سڃاڻي سگهو ٿا، انهن جا نالا لکو.

(٢) گلاب جي گل جا ڪهڙا ڪهڙا رنگ اوهان کي معلوم آهن؟

(٣) سرُن جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟

(٤) جنگشاهي شهر وٽ جيڪو پٿر ملندو آهي اُن جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟

(٥) پيلي رنگ وارن ميون جا نالا لکو.

(٦) ڪن رنگن تي ميٺوڙي، آسماني، واڱڻائي ۽ رتو نالو ڇو پيل آهي؟

# سبق چوڏهون

هن تصوير کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:



(١) تصوير ۾ چئن طرفن يعني اتر، ڏکڻ، اوير ۽ اولهه طرف جيڪي جيڪي پکي ۽ جانور ڏسو ٿا، انهن جا نالا لکو.

(٢) اها تصوير گهرَ جي ڪهڙي حصي جي آهي؟

(٣) اوهين تصوير ۾ ڪهڙن ڪهڙن جانورن جا ڦرَ (ٻچا) ڏسو ٿا؟

(۴) انهن ڦرن (ٻچن) لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪهڙا ڪهڙا لفظ آهن؟

(۵) هن تصوير ۾ ڪهڙو ڪهڙو گهريلو سامان ڏيکاريل آهي؟

(٦) اسان جي عام سنڌين گهرن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ٿانو ۽ برتن استعمال ڪيا آهن؟

(٧) جوُنري، ديگڙي، ڪني، پاٽ، ٿالهي، حلمچي، ڏوئي، دانگي، مانڌاڻي ۽ چاڏي ڪهڙي ڪهڙي ڪم ايندي آهن؟

(٨) سوال نمبر ٧ هيٺ ڏنل لفظن جون جمع صورتون لکو:

# سبق پندرهون

هن تصوير کي ڏسي ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:



(۱) هن خاڪي ۾ گهر جا ڪهڙا ڪهڙا حصا ڏيکاريل آهن؟

جواب: هن خاڪي ۾ گهر جا

..................................... ،

.....................................

.....................................

.....................................

.....................................

حصا ڏيکاريا ويا آهن.

(۲) هن گهر ۾ ڪاڌي کائڻ لاءِ ڌار ڪمرو آهي؟

جواب:

(۳) هن گهر ۾ موٽر بيهارڻ لاءِ گئريج آهي؟

جواب:

(۴) ڇا هن گهر ۾ رڌڻو ڪونهي؟

جواب:

(۵) هن گهر ۾ وهنجڻ جون جايون

ڪيتريون آهن؟

جواب:

(٦) هن گهر جي اڱڻ ۾ باغيچو آهي؟

جواب:

(٧) باغيچي ۾ ڪهڙا ڪهڙا وڻ آهن؟

(٨) سمجهو تہ اهو گهر اوهان خريد ڪيو
آهي. پنهنجي دوست کي خط لکو ۽
پنهنجي هن گهر جي باري ۾ ڪيس
تفصيل ٻڌايو.

# سبق سورهون

(الف) هن تصوير کي ڏسو ۽ سوالن جا جواب ڏيو:



(١) هن گهر ۾ ڪهڙو ڪهڙو فرنيچر نظر اچي ٿو؟

جواب :

(٢) هن گهر جي سينگار لاءِ ڪهڙو ڪهڙو سامان موجود آهي؟

(٣) ٻاهر ٻارڻ واري هنڌ کي ڇا چئ آهي؟

(۴) ڪمري جي ڀتين تي ڇا ڇا ٿا ڏسو؟

(۵) ڪتابن رکڻ لاءِ ڪهڙو بندوبست ڪيل آهي؟

(٦) جنهن ٿانو ۾ گل رکيا آهن، ان کي ڇا چوندا آهن؟

(٧) ميز تي ڪهڙو ڪهڙو سامان رکيل آهي؟

(٨) جن جن ٿانون ۾ چانهه، کنڊ ۽ کير وجهي رکندا آهن، تن لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪهڙا ڪهڙا لفظ اوهان کي معلوم آهن؟

(ب) هيٺين لفظن جا جمع ۽ واحد لکو:

گهرُ، ڪوٺي، ڪمرو، ڀت، پردا، جاءِ، ڇت، ميز، الماڙي، گلُ، چمچو، ڇريون، تصويرون، غاليچا، ديوار.

(ت) ڏنل تصوير جي مدد سان ماڊرن گهر تي مضمون لکو.

# سبق سترهون

**هن تصوير جي مدد سان هي مڪالمو پڙهو:**



عورت: هي منهنجا ٻار آهن.

ماءُ: هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي. هن جو نالو ڪنول آهي.

ماءُ: هيءُ منهنجو پٽ آهي. هن جو نالو اڪبر آهي.

ڪنول، اڪبر جي ڀيڻ آهي. اڪبر، ڪنول جو ڀاءُ آهي. هي ٻئي منهنجا ٻارَ آهن.

اڪبر: هيءُ منهنجو پيءُ آهي. هن جو نالو شوڪت آهي. منهنجو پيءُ زميندار آهي.

ڪنول: هي منهنجو چاچو ٿئي. اسين ٻئي ڀاءُ ڀيڻ، هن جا ڀائٽيا ٿيون.

ڪنول: آءٌ هِنَ جي ڀائٽي آهيان.

اڪبر: آءٌ هن جو ڀائٽيو ٿيان.

اڪبر: هيءُ اسان جو پيءُ ٿئي.

پيءُ: هيءُ منهنجو پٽ ٿئي. هن جو نالو اڪبر آهي. هيءَ منهنجي ڌيءَ ٿئي. هن جو نالو ڪنول آهي.

شوڪت: عورت ڏانهن اشارو ڪندي - هيءَ منهنجي زال آهي، هيءَ اڪبر ۽ ڪنول جي ماءُ ٿئي.

پيءُ عورت: هيءَ منهنجي ڀاءُ جي زال آهي. هيءَ



منهنجي ڀاڄائي ٿئي. هيءَ اڪبر ۽ ڪنول جي چاچي ٿئي.

اڪبر: هيءَ منهنجي ماءُ آهي ۽ هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي.



ڪنول: هي منهنجو ڀاءُ آهي. اسين سڀ هڪ ڪٽنب جا ڀاتي آهيون.



ڪنول: هيءُ ڪير آهي؟

اڪبر: هيءُ اسان جو پيءُ / والد آهي.

هيءُ تنهنجو ۽ منهنجو پيءُ / والد آهي. هيءَ اسان جي ماءُ آهي.

تون منهنجي ڀيڻ آهين ۽ آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان.

تون ۽ آءٌ ڀاءُ ۽ ڀيڻ ٿيون.

اڪبر: ڪنول تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟

تنهنجي عمر ڪيتري ٿيندي؟

تون ڪيترن سالن جي آهين؟

تنهنجي عمر ڇا ٿيندي؟

ڪنول: منهنجي عمر ست سال آهي.

منهنجي عمر ست کن سال ٿيندي.

آءٌ ستن سالن جي آهيان.

## يونٽ اوڻيهون

# سبق پهريون

### عام ڳالهه ٻولهه/ گفتگو

**سمجهو تہ اوهين اڪبر آهيو. مهرباني ڪري هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

(۱) تنهنجو / اوهان جو نالو ڇا آهي؟

(۲) تون ڪنهن جو پٽ آهين؟

(۳) اوهين ڪنهن جا پُٽ آهيو؟

(۴) اوهان جي پيءُ جو نالو ڇا اهي؟

(۵) تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟

(٦) تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟

(۷) تنهنجي عمر ڇا آهي؟

(۸) اوهين ڪيترن سالن جا آهيو؟

(۹) تون ڪيترن سالن جو آهين؟

(۱۰) اوهان کي ڪو ڀاءُ آهي؟

(۱۱) تو کي ڪو ڀاءُ آهي؟

(۱۲) اوهان کي ڪا ڀيڻ آهي؟

(۱۳) تو کي ڪا ڀيڻ آهي؟

(١۴) اوهين ڪيترا ڀائر ۽ ڀينرون آهيو؟

(١۵) اوهان کي ڪيترا ڀائر ۽ ڀينرون آهن؟

(١٦) اوهان جي والد صاحب / ڀيءُ جو نالو ڇا آهي؟

(١٧) اوهان جو ڀيءُ ڪيرُ آهي؟ (نالو ٻڌائبو)

(١٨) اوهان جو ڀيءُ ڇا آهي؟ / اوهان جو ڀيءُ ڇا ڪندو آهي؟

(١٩) اوهان جي ماءُ ڪير آهي؟ (نالو ٻڌائبو)

(٢٠) اوهان جي ماءُ ڇا آهي؟

(٢١) اوهان جي ڀيءُ جي عمر ڪيتري ٿيندي؟

(٢٢) اوهين ڪٿي رهندا آهيو؟

(٢٣) اوهين ڪهڙي شهر ۾ رهندا آهيو؟

(٢۴) اوهين ڪٿان آيا آهيو؟

(٢۵) اوهين ڪٿان جا آهيو؟

(٢٦) اوهين ڪٿي جا رهاڪو آهيو؟

(٢٧) اوهان جو گهرُ ڪٿي آهي؟

(٢٨) اوهين گهر ڪڏهن ويندا؟

(٢٩) اوهان جي گهران ڪو آيو يا نہ؟

(٣٠) اوهين ڇا ڪندا آهيو؟

(٣١) اوهين ڪٿي پڙهندا آهيو؟

(٣٢) اوهين ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهندا آهيو؟

(٣٣) اوهين ڪهڙي وقت اسڪول ويندا آهيو؟

## سبق ٻيون

(الف) دوڪاندار سان گفتگو (ڪپڙي جي واپاريءَ جو دوڪان)

گراهڪن کي دوڪان تي چڙهندي ڏسي؛

**دوڪاندار:** اچو ! اچو! ڀلي ڪري آيا.

**گراهڪ:** مهرباني ! اوهانجي وڏي مهرباني.

**دوڪاندار:** مهرباني تہ اوهان ڪئي آهي، جو پنهنجو دوڪان سمجهي هليا آيا آهيو.

ڀلا ڇا کپيوَ ؟ / ڪيئن، خوش آهيو، چڱا ڀلا آهيو، ڇا ڇا گهرجيوَ ؟

**گراهڪ:** ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪپڙو کپي / ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪپڙو گهرجي.

شلوار ۽ قميص لاءِ ڪو سٺو ۽ نئون ڪپڙو ڏيکاريو.

**دوڪاندار:** ڪپڙن جا ڍار ڍار نمونا ڪڍي، گراهڪ جي سامهون پکيڙي چوي ٿو؛

هيءَ نئين ڊزائين آئي آهي. بس هفتو کن ٿيو آئي مارڪيٽ ۾ ايندي.

اِجهو هيءَ قسم بہ ڏسو.

**گراهڪ:** هڪ قسم واري ڪپڙي کي آڱرين ۾ جهلي پڇي ٿو؛ هن ۾ بس هڪ ئي رنگ آئو ڇا؟

**دوڪاندا:** هن ۾ ٻيا بہ رنگ آهن. ڪل ست رنگ اٿم. اوهين صرف ڪپڙو پسند ڪريو.

**گراهڪ:** ٻيون بہ ڊزائينون اٿو يا نہ؟

**دوڪاندار:** سائين ڪوڙ ڊزائينون آهن.

**گراهڪ:** ٻي ڊزائين ڏيکاري؛

**دوڪاندار:** هي ڏسو! هيءَ ڊزائين بہ نئين آهي، تازو هاڻ ئي آئي آهي. اجا ايتري عام بہ نہ ٿي آهي. رنگ بہ گهٽائي اٿس.

**گراهڪ:** چڱو ڀلا! هنن ٽن ڊزائينن مان ہہ ہہ وڳا ڏيو.

**دوڪاندار:** اوهين پنهنجي لاءِ نٿا وٺو؟ هيءَ ڊزائين اوهان کي ڏاڍي سهڻي لڳندي. هيءَ ڊزائين اوهان کي ڏاڍي ٺهندي.

**گراهڪ:** هن دفعي نہ، وري ايندس. ٻئي دفعي وٺندس.

## ب) آفيس جو منظر ۽آفيس جي ڪارڪردگيءَ جي باري ۾ گفتگو:

**آفيسر** – (پٽيوالي کي سڏي پڇي ٿو) ڪنهن جو فون وغيره تہ ڪونہ آيو؟ ڪو ماڻهو ملڻ تہ ڪونہ آيو؟

**پٽيوالو**– نہ سائين! ڪو بہ فون وغيره ڪونہ آيو، ۽ نہ ئي وري ڪو ملڻ لاءِ آيو.

**آفيسر** – چڱو ! جڏهن بہ ميمڻ صاحب اچي، تڏهن سڌو مون وٽ وٺي اچجانس.

**پٽيوالو** – جي سائين!

(ٿوري ئي دير کان پوءِ، ميمڻ صاحب جيڪو پلاننگ سيڪشن جو انچارج آهي، اندر آفيس ۾ اچي ٿو)

ميمڻ – السلام عليڪم، سائين!

**آفيسر** – وعليڪم السلام، ويهو، ويهو.

**ميمڻ** – سائين! اوهان ياد فرمايو!

**آفيسر** – جي ها! اوهان کان اهو معلوم ڪرڻو هو تہ اسڪيم جو ڇا ڪَيَو؟ ناهي ورتَوَ يا

اجا بہ ڪجھہ ڏينهن لڳندا؟ هاڻ وقت تمام ٿورو اچي بچيو آهي، هن اسڪيم تي اجا گهڻو ٿي ڪم ڪرڻو آهي. PC-I ۾ پروجيڪٽ جا مقصد (objectives) ۽ Justification بہ ڏيڻي پوندي، اُن ڪان پوءِ پروجيڪٽ لاءِ گهربل عملو، فرنيچر، ايڪئپمينٽس ڪان سواءِ ٻيون ضرورتون بہ واضح طور ڄاڻائڻيون آهن، ۽ انهن جي cost بہ ڏيڻي پوندي، هر چيز جو جيڪڏهن تفصيل نہ ڏبو تہ اسڪيم منظور نہ ٿي سگهندي.

ميمڻ- منهنجا سائين! هر هڪ معلومات گڏ ڪئي اٿم. سائين جن هڪ دفعو اُن تي نظر وجهن، تہ پوءِ ٻن ٽن ڏينهن اندر مسودو تيار ڪري وٺندس.

آفيسر - ڏاڍو سٺو. هن آفيس جي قابليت ۽ صلاحيتن جي پرک، انهيءَ PC-I تي اٿوَ. ميمڻ صاحب! اهو ضرور خيال رکجو.

ميمڻ - اوهين دلجاءِ ڪريو سائين! اوهين جڏهن تفصيل ۽ justification ڏسندوَ تہ خوش ٿي ويندوَ. ڏاڍيءَ محنت سان تفصيل گڏ ڪيا اٿم، ۽ مقصد توڙي Justification لکيا اٿم. بس اوهان جي رهنمائي گهرجي. آخري مسودي ۾ دير ڪانہ ٿيندي.

آفيسر - ڏاڍو سٺو .

(پٽيوالي کي سڏي ٿو)

ميمڻ صاحب لاءِ چانهہ کڻي اچ.

پٽيوالو - حاضر سائين، چڱي هليو ٿو وڃي.

# سبق ٽيون

## (الف) وقت جي باري ۾ گفتگو:

(گهڙيال ۾ ساڍا ست ڏيکارجن)




**دلبر خان** - اڪبر! ڏس تہ گهڙيال ۾ ڪهڙا / ڪيترا لڳا / وڳا آهن.

**اڪبر** - بابا سائين! هينئر ساڍا ست لڳا / وڳا آهن.

**دلبر خان** - هينئر ڪيترو وقت ٿيو آهي، اڪبر ؟

**اڪبر** - بابا! هينئر ساڍا ست لڳا/ وڳا آهن.

هينئر ست لڳي / وڄي ٽيهہ منٽ ٿيا آهن.

**دلبر خان** - ست لڳي / وڄي ٽيهہ منٽ ٿيا آهن؟

**اڪبر** - جي ها، بابا سائين! ست لڳي / وڄي ٽيهہ منٽ ٿيا آهن.

اسين هن وقت تہ ناشتو ڪندا آهيون نہ؟

**اڪبر** - جي ها، بابا سائين! اوهين آفيس ڪهڙي لڳي / وڄي ويندا؟

**دلبر خان** - پٽ ! اڄ ٿورو دير سان ويندو آهيان. هت ڪي ماڻهو مون ڪي ملڻ لاءِ اچڻا آهن.

اصغر اڃا تائين ڪونہ اٿيو آهي ڇا؟

**اڪبر** - جي نہ بابا سائين! اصغر اڃا تائين جاڳيو ئي نہ آهي.

اڄ شايد موڪل اٿس ۽ اسڪول ڪونہ ويندو.

اڪبر – بابا سائين! مان / اڄ صبح جو ڇهين لڳي / وڳي ننڊ مان اٿندو آهيان.

دلبر خان – ۽ سمهندو ڪهڙي لڳي / وڳي آهين؟

اڪبر – يارهين لڳي / وڳي ڌاري سمهندو آهيان، بابا سائين!

دلبر خان – چڱو پٽ! هاڻ وڃي پنهنجو ڪم ڪر. اڄ مون کي ڏهين لڳي / وڳي کان پوءِ، آفيس پهچڻو آهي، پر منجهند جي ماني گڏجي کائينداسين. اڄ ٻين لڳي / وڳي ڌاري واپس اچي ويندس.

(ب) ريلوي اسٽيشن:



ګاڏي ڪڏهن ايندي؟

ګاڏي ڪيڏيءَ مهل ايندي؟

ګاڏي ڪهڙي لڳي / وڳي ايندي؟

ګاڏي ڪيڏيءَ مهل اچڻي آهي؟

ګاڏي اچي ويئي ڇا؟

ګاڏي اچي پيئي ڇا؟

ګاڏي اچي رهي آهي ڇا؟

ڇا، ګاڏي اچي ويئي؟

ګاڏي ليٽ آهي.

ګاڏي ليٽ آهي؟

گاڏي ليٽ آهي ڇا؟

ڇا، گاڏي ليٽ آهي؟

گاڏي ليٽ ته نه آهي؟

گاڏي ٻه ڪلاڪ ليٽ آهي.

گاڏي ڪلاڪ / ڪيترا ڪلاڪ ليٽ آهي؟

گاڏي ڪيترو ليٽ آهي؟

گاڏي ڇو ليٽ آهي؟

گاڏي ليٽ ڇو آهي؟



گاڏي اچي وئي.

گاڏي، اِجهو اچي وئي.

اِجهو، گاڏي اچي وئي.

گاڏي اچي وئي، اجهو.

گاڏي ڪهڙي پليٽ فارم تي ايندي؟

گاڏي ڪهڙي پليٽ فارم تي اچڻي آهي؟

گاڏي بيٺي آهي.

هيءَ گاڏي ڪيڏانهن ويندي؟

هيءَ گاڏي ڪٿي ويندي؟

هيءَ گاڏي ڪڏهن ڇٽندي؟



هيءَ گاڏي ڪيڏيءَ مهل ڇٽندي؟

هيءَ گاڏي ڪيڏيءَ مهل ويندي؟

مون کي فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ

وٺڻي هئي.

مون کي سليپر گهرجي.

مون کي سليپر رزرو ڪرائڻو هو.

ڪابه سيٽ خالي ڪانه هئي.

(گارڊ جهنڊي ڏيکاري آهي)



سنگل ڊائون آهي.

گاڏي ڇُري آهي.

گاڏي هلي ٿي.

گارڊ جهنڊي ڏيکاري آهي.

# سبق چوٿون

**مفرد (سادا)، مرتب ۽ مرڪب جملا ملاحظو ڪريو:**

**(الف) مفرد / سادا جملا:**

(١) هي گهوڙيو آهي.

(٢) پيالي جو رنگ سائو آهي

(٣) مون کي سون جي زنجير وٽي آهي.

(۴) مان شاگرد آهيان.

(۵) بس اچڻ واري آهي.

(٦) بس اچي ويئي.

(٧) بس نڪري ويئي.

(٨ ) بس رواني ٿي ويئي.

(٩) مان هتي گهڻي دير کان بيٺو آهيان.

(١٠ ) مان هتي گهڻي دير کان بيٺل آهيان.

(١١) رشيد کي ٻه ڀائر آهن.

(١٢) ريڊيو جي قيمت چوڏهن سو روپيا آهي.

(١٣) هن ڪتاب جي پڙهڻ ۾ مون کي ٻه کن هفتا لڳندا.

(١۴) مون کي تيار ٿيڻ ۾ هڪ ڪلاڪ لڳندو.

(١۵) ريل گاڏيءَ جي پهچڻ ۾، اڃا هڪ ڪلاڪ دير آهي.

(١٦) مون وٽ ٻه ڪتاب آهن.

(١٧) منهنجي هٿ ۾ ٻه ڪتاب آهن

(١٨ ) هيءَ منهنجي پيءُ جو دوڪان آهي.

(١٩) اهو ڪتاب اسان جي اسڪول ۾ ڪونہ پڙهايو ويندو آهي.

(٢٠) اِهو ڪتاب اسان جي اسڪول ۾ پڙهايو ڪونہ ويندو آهي

(٢١) هُو صبح جو ائين لڳي اٿندي آهي.

(٢٢ ) هُو صبح جو ائين وڳي اُٿندو آهي

(٢٣) اڄ سومر جو ڏينهن آهي.

(٢٤) هي سڀ ڳڏجي اسڪول ويندا آهن.

(٢٥) اسين سڀيئي ٻن سالن کان ڳڏجي اسڪول ويندا آهيون.

(٢٦) آءٌ ائين ڪلاس ۾ پڙهندو آهيان.

(٢٧ ) آءٌ ڏهين ڪلاس ۾ پڙهندي آهيان.

(٢٨) آءٌ اسڪول ويو هوس.

(٢٩) آءٌ اسڪول وڃان پيو.

(٣٠) تنهنجو ياءُ ڪٿي آهي؟

(٣١) هيءَ زنجير ڪيتري جي آهي؟

(٣٢) هن زنجير جي قيمت ڪيتري آهي؟

(٣٣ ) هيءَ زنجير ڪيتري ۾ ملندي؟

(٣٤) اوهين ڇا ڪندا آهيو؟

(٣٥ ) اوهين ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟

(٣٦) اوهان جو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

(٣٧) اوهين ڪيترا ڀائر ۽ ڀينرون آهيو؟

(٣٨) اوهين، اسڪول ۾، ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهيو؟

(٣٩) بس ڪڏهن ايندي؟

(٤٠) بس ڪيڏيءَ مهل ايندي؟

(٤١) بس ڪيتري لڳي ايندي؟

(٤٢ ) بس ڪيتري وڳي ويندي؟

(٤٣) بس جي اچڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟

(٤٤) بس جي پهچڻ ۾ اڃا ڪيتري دير آهي؟

(٤٥) بس جي اچڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو؟

(٤٦) تنهنجي پيءُ جو پگهار ڪيترو آهي؟

(٤٧) تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟

(٤٨) تنهنجي هٿ ۾ ڪهڙي شئي آهي؟

(٤٩) ڪلهه تومان جي گهر ڪير هو؟

(٥٠) ڇا ٻئي ڀائر اسڪول ڏانهن ويندا آهن؟

(٥١) ٻئي ڀائر اسڪول ڏانهن ويندا آهن، ڇا؟

(٥٢) ڇا، تنهنجي ڌيءَ اسڪول ڪانه ويندي آهي؟

(٥٣) تنهنجي ڌيءَ اسڪول ڪانه ويندي آهي، ڇا؟

(٥٤) خالد صبح جو ڪيتري لڳي اٿندو آهي؟

(٥٥ ) خالد رات جو ڪيتري وڳي سمهندو آهي؟

(٥٦) اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟

(٥٧) ناصر، تون هت ڪلاڪ کن کان ڇا وينو ڪرين؟

(٥٨) عزيز، تون هت ڪلاڪ کان ڇا وينو ڪرين؟

(٥٩) ڪنول ۽ فرزانه، اوهين ٻئي اجاتائين ڇا ويٺيون ڪريو؟

(٦٠) ڪنول ۽ فرزانه، اوهين ٻئي اجا هت ڇا ويٺيون ڪريو؟

(٦١) اڪبر، تون سياڻي اسڪول ڪونہ ويندين؟

(٦٢) اڪبر، تون سياڻي اسڪول ڪونہ ويندين، ڇا؟

(٦٣) اڪبر، ڇا، تون سياڻي اسڪول ڪونہ ويندين؟

(٦۴) اڪبر، سياڻي تون اسڪول ڪونہ ويندين؟

(٦۵) مان ڪهڙو نہ تيز پڙهان ٿو!

(٦٦) هي ڪهڙو نہ سهڻو پکي آهي!

(٦٧) هي پکي ڪهڙو نہ سهڻو آهي!

(٦٨) تون ڪهڙو نہ هوشيار آهين!

(٦٩) تنهنجو پٽ ڪهڙو نہ ذهين آهي!

(٧٠) هي ڪهڙو نہ گدلو ٻار آهي !

(٧١) وڃ.

(٧٢) نہ وڃ.

(٧٣) وڃ نہ !

(٧۴) نہ، نہ وڃ.

(٧۵) نہ، وڃ نہ !

(ب) مرتب جملا ملاحظو ڪريو:

(١) جي هُو اچي ها، تہ مان خوش ٿيان ها.

(٢) جي هو ايندو تہ مان خوش ٿيندس.

(٣) جي مون کي خبر پوي ها، تہ مان توهان کي ضرور ٻڌايان ها.

(۴) جتي تون ويندين، تتي مان تو سان گڏ هلندس.

(۵) جتي ٻار هوندا، تتي گوڙ ضرور ٿيندو.

(٦) جتي پار هوندا، اتي گوڙ ضرور ٿيندو.

(٧) جيڏانهن اسين وڃون ٿا، تيڏانهن هوَ نٿا هلن.

(٨) جتي پهرين ننڍا دوڪان هوندا هئا، اتي هاڻ وڏا دوڪان ٺهي ويا آهن.

(٩) جيڏانهن توهين وڃو ٿا، تيڏانهن هُوءَ به هلي ٿي.

(١٠) جيئن هُو چوي، تيئن ڪر.

(١١) جيئن هُو چوي، تيئن ڪج.

(١٢) جڏهن تون ويندئين، تڏهن هُوءَ به پهچندي.

(١٣) جڏهن توکي اطلاع ملي، تڏهن گهر وڃج.

(١٤) جڏهن مان آفيس پهتس، تڏهن مون کي اها خبر پيئي.

(١٥) جڏهن کيس انعام مليو، تڏهن هُو ڏاڍو خوش ٿيو.

(١٦) جيئن مان توهان کان پڇان، تيئن توهين جواب ڏجو.

(١٧) جيئن هُو توکي چوي، تيئن تون ڪر.

(١٨) جيئن هن پڇيو، تيئن ئي مون جواب ڏنس.

(١٩) جڏهن تو راند پئي ڪئي، تڏهن رضيه ڇا پئي ڪيو؟

(ت) مرڪب جملن مان ڪي ملاحظ ڪريو:

(١) اتي پيا به ماڻهو هئا يا رڳو اوهين هئا.

(٢) سڀ کان پهرين هن ميڻ بتيون ٻاريون ۽ پوءِ ڪيڪ ڪٽيائين.

(٣) اهو ڪاڏي سان گڏ پيٽ ۾ ويندو آهي ۽ بيماري پيدا ڪندو آهي.

(٤) مان، اوهان جي صلاح مَنَ سان لڳائيندس ۽ روزانه پڙهندس.

## سبق پنجون

**(الف) ڪي پئراگراف ملاحظي ۽ مشق لاءِ ڏجن ٿا:**

(۱) اڄ ڪلهه جا ٻار ڏاڍا لاپرواهه آهن. روڊ تي سائيڪلون تڪيون هلائيندا آهن، جيتوڻيڪ کين خبر آهي ته روڊ تي سائيڪل آهستي ۽ کاٻي پاسي هلائبي آهي، پر سندن مائٽ به ڌيان نٿا ڏين. جيڪڏهن کين سمجهائبو ته هو ضرور چوڻ مڃيندا. اها ته اسان جي ٻارن جي خاص خوبي آهي.

(۲) دراصل جنهن کي سکڻ جو چاهه هوندو آهي، تنهن لاءِ ڪوبه مضمون سکڻ ڏکي ڳالهه ڪانهي. هڪ ٻئي جون ٻوليون سکڻ ته تمام سٺي ڳالهه آهي. ٻوليءَ جي ذريعي ماڻهو هڪ ٻئي کي سمجهي سگهن ٿا، ۽ هڪ ٻئي جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ کان واقف ٿين ٿا. جنهن ڪري محبت ۽ يڪجهتيءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

(۳) پهرين مان سمجهندو هوس ته شهري زندگيءَ ۾ سک ۽ آرام گهڻو هوندو آهي، پر هت رهڻ کان پوءِ مون ڏٺو آهي ته هت هر هنڌ ماڻهو ڊوڙندا ۽ ڀڄ ڀڄان ڪندا ڏسبا آهن. سڀ بي چين ۽ بي آرام پيا لڳندا آهن. هلنديءَ بس مان لهڻ، هتي لاءِ سولي ڳالهه هوندي آهي. کين پنهنجي جان جي به پرواهه ڪانه هوندي آهي.

(۴) خبر ئي ڪانه پوندي هئي ته رات ڪيئن گذري ويئي. اسرَ جو امڙ اٿي، جنڊ پيهندي هئي، ۽ مٺي آلاپ ۾ اوراڻا ۽ لوليون ڳائيندي هئي؛ پوءِ ٻيا ٻاتي اٿندا هئا. مان امڙ جي مدد ڪندي هيس. جنڊ پيهڻ واري ڪرت کان واندي ٿي، امڙ ڏڌ ولوڙي، مکڻ ڪڍندي هئي؛ ڪوسي ڪوسي ڍوڍي تي مکڻ رکي، سڀني کي ڏيندي هئي. اُن کان پوءِ بابو ٻنيءَ تي ويندو هو، ۽ ٻنيءَ جو ڪم ڪار لاهي، شام جو گهر موٽي ايندو هو.

(۵) پهرين مون به سوچيو هو ته ڳوٺ ۾ ڇا هوندو؟ غريب هاري ۽ مزور رهندا هوندا. رمضان به ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ رهندو هوندو. اُتي اسين ڪيئن رهي سگهنداسين؟ پر سڄو هفتو ڪيئن گذري ويو، تنهن جي خبر ئي ڪانه پيئي!.

# سبق ڇهون

(الف) اردوءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو:

(i) ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

(ii) گهمڻ ٿو وڃان / گهر ٿو وڃان

(iii) وري ڪڏهن ايندين؟ / وري ايندين ڪڏهن ؟ / ڪڏهن ايندين وري؟

(IV) ايندين نه، وري؟ / وري ايندين نه؟ / وري نه ايندين؟

(V) جلدي ايندس / سگهو ايندس.

(VI) ها! سگهو موٽج / سگهو اچج / جلدي اچج.

(VII) ڪو ڪم آهي. / ڪو ڪم آهي؟ / آهي ڪو ڪم؟ / ڪم آهيم. / ڪم اٿم.

(VIII) ها! تو سان ڪو ڪم اٿم. /ها، ڪو ڪم اٿم توسان./ها، اٿم ڪو ڪم توسان.

(IX) ڪا ڳالهه ٻڌائيندوسانءِ./ ٻڌائيندوسانءِ ڪا ڳالهه. / ڳالهه ٻڌائيندوسانءِ ڪا.

(X) توکي ڪا ڳالهه ٻڌائڻي اٿم./ ڪا ڳالهه ٻڌائڻي اٿم توکي./ ٻڌائڻي اٿم ڪا ڳالهه توکي.

(XI) هاڻ ٿي ٻڌايوم. / هاڻ ٿي ڪٿي ٻڌايوم. / ٻڌايوم ڪٿي هاڻ ٿي.

(XII) هاڻي ٿي ڏيکاريوم / ڏيکاريوم هاڻي ٿي .

(XIII) نه نه ! اهڙي ڪا ضروري ڳالهه ڪانهي. / ضروري ڳالهه ڪانهي، اهڙي ڪا.

(XIV) پوءِ ٻڌايوم ڇون ٿا؟ / ٻڌايوم ڇو نٿا پوءِ؟ / ڇو نٿا ٻڌايوم، پوءِ.

(XV) ٻڌايوم نه! نه ٻڌايوم.

(XVI) ٻڌائيندو سانءِ، تڪڙ ڪانهي.

(XVII) هُن ڪان منهنجي باري ۾ پڇيو هوو؟

(XVIII) منهنجي باري ۾ هن ڪان پڇيو هوو؟ / پڇيو هوو هُن ڪان منهنجي باري ۾؟

(XIV) پڇيو هومانس.

(XX) وٽس ڇا آهي؟ / ڇا آهي وٽس ؟ / وٽس ڇا نہ آهي! / آهي ڇا وٽس!

(XXI) وٽس ڪجهہ بہ ڪونهي./ڪجهہ بہ ڪونهي وٽس!/ڪونهي نہ وٽس ڪجهہ !

(ب) اردوء ۾ انگريزيء ۾ ترجمو ڪريو:

(i) چئو. /چواءِ. / چواراءِ.

(ii) چئينم. / چوائينم. / چوارائينم.

(iii) چئينس. / چوائينس. / چوارائينس.

(IV) چئوس. / چوايوس. / چوارايوس.

(V) چئونِ. / چوايونِ. / چوارايونِ.

(VI) چيومانس. / چوايومانس. / چوارايومانس.

(VII) چيومانِ./چوايومانِ./چوارايومانِ.

(VIII) اچج.

(IX) اچجو.

(X) لک. / لکاءِ. / لکاراءِ.

(XI) لکارائيندس.

(XII) هاڻ هلنداسين.

(XIII) هَليو هل.

(XIV) خَط لِکيُوَ؟

(XV) بتي گل ڪر.

(XVI) اڪيون ڪڏهن ڇڏيندو سانءِ.

(XVII) ڏاڍيون ڀوتيون پڙهايائينس.

(XVIII) ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيائونِ.

(XIX) پاڻي نہ ولوڙ.

(XX) وساري ڇڏينس.

(XXI) ڀيرن ڪان پيو ڀير گهرين!

(XXII) هن اڪيون ڦيري ڇڏيون آهن.

(XXIII) هُو گلم جو توبچي آهي.

(XXIV) هن کي گلن چاڙهڻ جي ڪري سزا ملي.

(XXV) پڪ اٿم. / پڪ اٿئون. / پڪ اٿس. / پڪ اٿوَ. / پڪ اٿن.

(XXVI) ڪتاب پڙهي ورتءِ ؟

(XXVII) شاهہ جو رسالو پڙهيو اٿيئي؟

(ت) هيٺين خانن ۾ ڇڏيل خالي جايون پُريو:

| سنڌي | اردو | سنڌي | اردو |
| --- | --- | --- | --- |
| موڪليومانِ. | ——— | ——— | مین نے اُن سے پوچھا. |
| جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا. | ——— | ——— | ھم نے سنا ھے |
| ——— | سینگ | سلام ڪيائونِ | ——— |
| وٽن | ——— | ——— | میرے پاس آیا تھا. |
| ——— | گردن | هن جي ڳالھ ٻڌي آءُ باھ ٿي ويس | ——— |
| تڏو ڪڻائڻ | ——— | ڇو دل لاٿي اٿيئي؟ | ——— |
| پاڻي ولوڙڻ | ——— | ——— | تو بھی رانی میں بھی رانی کون |
| ——— | غصہ میں بدحواس ھونا | ——— | بھریگا پانی |
| ڏيکاريونِ. | ——— | لڪارايوسونءِ | کون بتائیگا اُس کو؟ |
| سلام ڪَيُوَ. | ——— | گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک هُئانِ | ——— |

# سبق ستون:

**(الف) سندھی میں ترجمہ کیجئے:**

(i) یہ اچھا لڑکا ھے.

(ii) اس پھول کا رنگ سرخ ھے.

(iii) یہ میری بہن کی کتاب ھے.

(iv) اس مٹکے میں پانی نہیں ھے.

(v) گھوڑے کے بچے کو بچھڑا کہتے ھیں.

(vi) کراچی، حیدرآباد سے بڑا شھر ھے.

(vii) حیدرآباد کی راتیں فرحت بخش ھوتی ھیں.

(viii) یہ میری خالہ کا لڑکا ھے.

(ix) یہ میرے ماموں زاد بھائی ھیں.

(x) اوکھلی میں سر دیا تو موسل سے کیا ڈر.

(xi) آج پیر کا دن ھے.

(xii) میں کب آؤں؟

(xiii) صبح کو جلدی آنا.

(xiv) ھم سب دو دن کے اندر آجائینگے.

(xv) بازار سے تازہ پھل لاؤ.

(xvi) لڑکے کتاب پڑھتے ھیں.

(xvii) صبح کا بھولا شام کو گھر آجائے اُسے بھولا نہیں کہا جائے گا.

(xviii) اس کا دل بڑا ھے.

(xix) آج بہت ھی اچھا موسم ھے.

(xx) سب لوگ سندھی سیکھینگے.

(xxi) میرے دوست نے یہ کہانی نہیں پڑھی.

(xxii) اگر مجھے معلوم ھوتا تو اس کی ضرور مدد کرتا.

(xxiii) آج کل دیہات میں بھی لوگ روزانہ T.V دیکھتے ھیں اور ریڈیو سنتے ھیں.

xxiv) لڑکا پڑھتے پڑھتے سوگیا.

(xxv) درزی سے کپڑے سلواؤ.

(xxvi) روٹی شوٹی کھایا کرو.

(ب) سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو:

(i) یہ کیا ہے؟/ یہ کیا ہیں؟/ یہ ہیں کیا؟
(ii) آپ کون ہیں؟
(iii) آپ کو کیا چاہیئے؟
(iv) یہ کون ہے؟
(v) آپ کے چچازاد بھائی کا نام کیا ہے؟
(vi) آپ کیا کرتے ہیں؟
(vii) اس لڑکی کو کیا چاہیئے؟
(viii) آپ یہ وزن اٹھا سکتے ہیں؟
(ix) آپ میری مدد کریں گے؟
(x) آپ کا گھر کتنا دور ہے؟
(xi) اُن کو کیا چاہیئے؟
(xii) اس کی کیا قیمت ہے؟
(xiii) اس کو پینے کون دیگا؟
(xiv) میں آپ کی کیا مدد کروں؟
(xv) ھم کون ہیں؟
(xvi) یہ لڑکی آپ کی کیا لگتی ہے؟
(xvii) ان میں سے آپ کا بھائی کون ہے؟
(xviii) یہ کتاب کس کی ہے؟
(xix) میرے ہاتھ میں کیا ہے؟
(xx) میرے ہاتھ میں کونسی چیز ہے؟
(xxi) گھر میں کوئی ہے؟
(xxii) کیا آپ نے مجھے وہاں دیکھا تھا؟
(xxiii) آپ نے مجھے وہاں دیکھا تھا کیا؟
xxiv) آپکو چاہئے کیا؟
(xxv) اس حالت میں آپ کی کون مدد کریگا؟
(xxvi) کیسے آنا ہوا؟
(xxvii) یہ بچہ کون سی جماعت میں پڑھتا ہے؟
(xxviii) آپ کے ساتھ کوئی آیا ہے؟

(xxix) آپ کے ساتھ کون آیا ہے ؟

(xxx) میں نے آتے میں یہ کیا کیا؟

(xxxi) تم کیا کر رہے ہو؟

(xxxii) اُس کی طبیعت کیسی ہے ؟

(xxxiii) میرے پاس کتابیں نہیں ہیں.

(xxxiv) کیا آپ کے پاس کچھ بھی نہیں؟

(xxxv) میں نے کھانا نہیں کھایا/ میں کھانا نہیں کھاتا.

(xxxvi) میں کھانا کھا نہیں سکتا.

(xxxvii) یہ ٹوپی میرے بھائی کی نہیں ہے.

(xxxviii) اونٹ کے بال نرم نہیں ہوتے.

(xxxix) دودھ کا دودھ اور پانی کا پانی.

(xxxx) کھانے کی میز پر چھینکنا اچھی عادت نہیں.

(xxxxi) لیجئے مت بھائی، لیکن دیکھئے تو سہی.

# سبق ائون

(الف) هنن تصويرن کي سامهون رکي، اُنهن مان ڪهاڻي جوڙيو:



(ب) هيٺين موضوعن تي سنڌي زبان ۾ ننڍا ننڍا مضمون لکو:

ماڪيءَ جي مک - ڳئون - نم جو وڻ - اسان جو گهر- منهنجو ڳوٺ - ريلوي اسٽيشن - ٽپالي - باغ جو سير - چانڊوڪي رات - ماءُ- سورج مکيءَ جو گل - سانوڻ جي موسم - علم دولت آهي- وڏن جو ادب ڪريو - رواداري- ريڊيو- ڪمپيوٽر.

# سبق نائون

(الف) اوهان جي حد جي آسپاس چورن ۽ ڌاڙيلن ظلم باري ڏاڍو آهي، حد جي بالاواسطيدار آفيسر کي خط لکي اُن جو توجهہ ڇڪايو ۽ ڪيس ناهي موڪليو.

(ب) سنڌيءَ ۾ پنهنجي دوست کي خط لکو ۽ کيس مڪليءَ جي تاريخي آثارن جي باري ۾ ٻڌايو.

(ت) توهان جي دوست جي ماءُ مري ويئي آهي. کيس خط لکي، ساڻس همدرديءَ جو اظهار ڪريو.

(ث) اوهان جي شهر ۾ ٻارڻ واري گئس موجود ڪانهي. سيني شهرين جي صحيحن سان، گئس جي واسطيدار آفيسر کي درخواست ڪريو.

# سبق ڏهون

(الف) اوهان جي ڳوٺ کي لنگهندڙ شاهہ راهہ سان ملائڻ لاءِ، ڳوٺ کي لنڪ روڊ (link Road) ڪونهي. ڳوٺاڻن طرفان، واسطيدار ايجنسيءَ جي سربراهہ کي، لنڪ روڊ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ، ڳوٺاڻن طرفان درخواست لکو.

(ب) اوهين سدرن الدس گئس ڪمپني حيدرآباد ۾ هڪ واسطيدار عملدار آهيو. اوهان وٽ، ڳوٺ جي رهاڪن طرفان، گئس جي مهيا ڪرڻ لاءِ درخواست آيل آهي. انهيءَ درخواست تي اوهين پنهنجي بالا آفيسر کي ڳوٺاڻن جي درخواست تي سفارشي نوٽ هڻو، جنهن ۾ اُن ڳوٺ لاءِ گئس جي منظوريءَ جي باري ۾ لکو.

## يونٽ ويهون

### سبق پهريون

**(الف) هيٺيان دفتري لفظ سمجهايو، جيڪي دفترن جي روزانه ڪاروبار لاءِ ڪم آڻيا آهن:**

تپيدار، تپو، ديهه، مختيارڪار، محال ڪاري، ڪمدار، ڪڙمي، ڪمي، هاري، لاپو، ڏلَ، رسائي، سيلابي پوک، آب ڪلاٽي، باراني پوک، جرسب، پارو، ايڪڙ، پڙو، پني، ڪَپر، ڪنڌي، ٻَنو، ڪَڙيو، واهه، نار، هُرلو، ڪاتو، چوٽ، زال پڇائڻ، ڪارو ڪاري، حلف نامو، ضميمو، ٽياڪر / ثالث، توبخانو، دريافت، ضامن، ڏيوالو، بينچ، موڙي، چوپايو مال، سَندَ / پَروانو، ديواني اپيل، ديواني مقدمو، راضي نامو، تَتُ، شرطي فقرو، معافي، جَتو، خفيه دستاويز، حراست، ضبطي، ڪاپو، حريف، خلاف بياني، ڪَڪڙا، ڪارپت، حلف وفاداري، قبضو، منسوخ، قلو، آڃ، مهتمر دفتر، ڪَڙ، نسب نامو، ذاتي اثاثو، ذاتي ڪاتو، رنگروٽ، بحالي، جواب جو جواب / رد جواب، ريزڪي، سرمايو، جوابدار، ماليت، تخفيف، حقدار، پڪو رستو، هَٿَ ڪَسَ، چالو حساب، خانہ تلاشي، فتنہ انگيز، فوقيت، بينڪ، رَدُ، زمين جي زرخيزي، خطري جو اطلاع، نمونو، تابعداري، مدي خارج، عذاب، ٽانڊيءَ تپڻو، خالص، سرنگ، يگانو، گمنام، لاپته، ٽڪا هڻڻ، هتيار، ڪڪ پن، ٻٽاٽو، اڏوهي، چاڻي واٽي، قصور وار، قمري سال، دائرو ۽ اپراسو ڏيڻ.

## سبق پيو

**هينين دفتري لفظن جا سنڌيءَ ۾ نعم البدل لکو:**

abondoned, abatement, abduction, abetment, abeyance, law-abiding, abolish, abridged form, absconder, absotute, abstract of income, accede, accelerated, promotion, acceptance, according to rules, accredited, accumulated, profit, acquitted, land acquisition officer, a copy is forwarded herewith, administrative approval, admissible, admittance advice, affitiation, aforesaid, age bar, antedate, anticipated savings, appraisement, apprenticeship, area assessed, armoury, arsenal, assent, assessment, asylum, as follows, authority letter, authorization, award, award arbitration, barren, baton, belongings, between the lines, black- mail, censor, certificate of indigence, cognizable, commutation of death sentence, offence, of his own accord, outstanding recoveries, penal, pending receipt of the order, perennial, redress, solvency, statecraft, stated, stipulated period, to carry out execution, to incur liability, to the time of rising of the court, transition, under advive to this office, valuation survey, vested interests, for want of, warning, warrantable, warrant of attachment, waste words, weedy, working people, written memorandum, yearning, yeoman's service, youthful offender.

•

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

ISBN 969-8194 -15-0